ڊاڪٽر نواب ڪاڪا

# شمس العلماء مرزا قليچ بيگ صاحب جي چيئر پاران شايع ڪرايل ڪتابن جو جائزو

***Abstract***

**An introduction of the books published by Shams-ul-Ulama Mirza Kalich Beg Chair**

*Mirza Kalich Beg is one of the most influential Person of Sindhi Literature, whose many books are published. This chair not only conduct seminars lecture programs but also publishing many books of him. So main objective of chair is to continue the efforts of Mirza sahib regarding spread of knowledge and wisdom. He worked on every branch of knowledge like philosophy, history, religion and science. So the chair has to publish his remaining work. In this paper a short introduction of his published books have been given. Our Moto is to give information to intellectuals and researchers that how many books he wrote on various subjects. His writing work was not limited. Chair will keep continue to publish his books in its available resources.*

عالمي ۽ قومي سطح جي شخصيتن جي علمي ۽ فڪري خدمتن کي عام ڪرڻ، کين پيٽا پيش ڪرڻ ۽ ياد رکڻ لاءِ سندن نالي سان ادارا قائم ڪيا ويندا آهن.اهڙن قائم ٿيندڙ ادارن مان تحقيقي چيئر اهم ادارا آهن. انهن جي ڪم جو دائرو وسيع آهي. تحقيق ، تدريس سان گڏ علمي ۽ فڪري روايتن کي زنده رکڻ ۽ عام ڪرڻ ۾ انهن جو وڏو ڪردار آهي. تحقيقي چيئر حقيقت ۾ ان شخصيت جي ان مشن ۽ مقصد کي جاري رکڻ لاءِ هڪ پليٽ فارم آهي. سئمينارن، ڪانفرنسن، ورڪشاپس ڪرائڻ سان گڏ ان شخصيت جي ڪيل علمي پورهئي کي يڪجاءِ ڪري ڪتابي صورت ۾ آڻي محفوظ ڪرڻ به چيئر جي مقصدن ۾ شامل هوندو آهي. سمورا وسيلا علم ،شعور ۽ ڏاهپ کي عام ڪرڻ، وڌائڻ لاءِ ڪتب آندا ويندا آهن.انساني معاشري ۾ مثبت سوچ پيدا ڪري پر امن ۽ ترقي يافتا معاشري جا بنياد رکڻ ۾ هي تحقيقي ادارا پنهنجو اهم ڪردار نڀائي سگهن ٿا. اهڙن تعليمي ۽

فڪري مقصدن کي سامهون رکندي سنڌي ادب جي جڳ مشهور ڏاهي عالمن جي آفتاب "شمس العلماء مرزا قليچ بيگ چيئر" مادر علمي سنڌ يونيورسٽي ڄام شورو ۾ 20 جولاءِ 2008ع تي هڪ تقريب ذريعي اعلان ڪري قائم ڪئي وئي. هن عمل ۾ ان وقت جي وائيس چانسلر محترم مظهرالحق صديقي صاحب، پروفيسر ڊاڪٽر محمد قاسم ٻگهيو ، مرزا اعجاز بيگ ۽ ثقافت ۽ سياحت کاتي جي اڳوڻي وزير محترمه سسئي پليجو صاحبه اهم ڪردار ادا ڪيو. چيئر پنهنجي قيام کان وٺي هن وقت تائين 24ڪتاب شايع ڪرائي چڪي آهي. جنهن ۾ 16سنڌي ٻوليءَ ۾، 04 انگريزي ۽ 01 اردو ٻوليءَ ۾ آهن. آڪٽوبر 2009ع ۾ بين الاقوامي ڪانفرنس، ڪيترائي ليڪچر ۽ سئمينار ٿي چڪا آهن . هن وقت چيئر 23ڪتاب ڇپائيءَ لاءِ تياريءَ هيٺ آهن. سال 2015ع کان چيئر پاران تحقيقي جرنل جي اشاعت جو سلسلو اڳوڻي ڊئريڪٽر ڊاڪٽر اسحاق سميجي پاران شروع ڪيو ويو، هي جرنل ان سلسلي جي ٻي ڪڙي آهي. اهڙي طرح ٻين سرگرمين سان گڏ چيئر پاران اشاعت جو سلسلو پڻ هلندڙ آهي. هتي چيئر پاران شايع ٿيل ڪتابن جو مختصر جائزو پيش ڪجي ٿو.

چيئر پاران اشاعت جو سلسلو عالمي ڪانفرنس سان سال 2009ع کان شروع ڪيو ويو. پهريون اهم ڪتاب "تحريرون ۽ تقريرون" آهي. هي ڪتاب ٻن ڀاڱن تي مشتمل آهي، پهريون ڀاڱو 1970ع ۾ سنڌي ادبي بورڊ پاران شايع ڪرايو ويو، هي ٻيو ڀاڱو چيئر پاران شايع ڪرايو ويو. هي مرزا صاحب جي مختلف وقتن تي ڪيل تقريرن جو مجموعو آهي.ڪل تيرهن تقريرون ۽ تحريرون آهن. منڍ جي نالي سان ڪتاب بابت ٻه اکر مرزا صاحب پاڻ لکيا آهن. 1. پهرين تقرير آل انڊيا محمدن ايڊيو ڪيشنل ڪانفرنس ۾ فارسيءَ ۾ مرحبائي شعر سان، سنڌي ادب بابت آهي هيءَ ڪانفرنس 1907ع ڪراچيءَ ۾ منعقد ٿي هئي.تقرير جي شروعات مرزا صاحب هن طرح ڪئي آهي: "صاحبو ڪن دوستن پنهنجي خواهش ڏيکاري آهي ۽ مون تي فرمائش رکي

آهي ته سنڌ ۾ علم جي حالت ۽ اتي جي رهاڪن جي علميت يا علمي فضيلت (زباني توڙي ڪتابي) قديم وقت ڪان وٺي اڄ تائين بيان ڪريان ۽ ڏيکاريان ته پهريائين ان جي حالت ڪهڙي هئيءَ پوءِ جيئن جيئن ان جي حالت ڦرندي وئي تيئن تيئن منجهس ڪهڙا ڦير گهير پوندا وياءِ ڪهڙي ترقي ٿيندي وئي.“[1]

هن تقرير ۾ مرزا صاحب سنڌي ٻولي ۽ ادب جي تاريخ تي نهايت تفصيلي ڳالهايو آهي. ٻين موضوعن جو تفصيل هن طرح آهي: 2. سنڌي ساهت سوسائٽي جي ساليانه جلسي ۾ شعر ۾ تقرير (1914ع حيدرآباد)، 3 . نئو وديالیه حيدرآباد جي آس جي ٽولي جي ساليانی جلسي ۾ پرهيز بابت شعر ۾ تقرير (1914ع حيدرآباد)، 4. پهرين سنڌ ٽيمپرنس ڪانفرنس ۾ نشي بابت تقرير (1914ع شڪارپور). 5. ٽئين سنڌ ٽيمپرنس ڪانفرنس ۾ نشي ۽ پرهيز بابت تقرير (1916ع حيدرآباد)، 6. سنڌ ڪاليج ڊبيٽنگ سوسائٽيءَ ۾ اسلامي تاريخ جي عجيب اتفاق بابت تقرير (1920ع ڪراچي) 7. آل انڊيا محمدن ايڊيوڪيشنل ڪانفرنس ۾ عربي ۽ فارسي علم بابت تقرير (1920ع ڪراچي)، 8. سنڌ پرا ونشل اردو ڪانفرنس ۾ اردو بابت تقرير (1919 ع خير پور)، 9. سنڌ ڪاليج ڊبيٽنگ سوسائٽيءَ ۾ پردي بابت تقرير (1920ع ڪراچي)، 10. صوفي سماگم- شاهه صاحب عالم (1923ع ڪراچي)، 11. ٽريننگ ڪاليج ۾ علم نجوم جي اهميت بابت (1923ع حيدرآباد)، 12. پاڪائي ۽ پرهيزگاريءَ جي حياتي. 13 . پاڪائي ۽ پرهيزگاريءَ جي حاصل ڪرڻ جا ڪي رستا ۽ قانون.

سموري ڪتاب ۾ مرزا صاحب علمي فڪري،سائنسي،تصوف، پاڪائي صفائي ظاهري توڙي باطني تي نهايت باريڪ بينيءَ سان بيان ڪيو آهي. ڪتاب علم سان چاهه رکندڙ هر فرد لاءِ نهايت ڪارائتو آهي.

2009ع ۾ مرزا صاحب جي ٻن ڪتابن جو ترجمو پڻ ڪرايو ويو. ناول زينت جو انگريزي ٻوليءَ ۾ ترجمو محترمه زُنيرا يوسف ساڳئي نالي زينت سان ترجمو ڪيو. آتم ڪهاڻي ”سائو پن يا ڪارو پنو“ جو ترجمو محترمه شهناز شورو صاحبه ”برگِ سبز

ڪرتاس سياه” جي نالي سان اردو ۾ ترجمو ڪيو. هن سال پيو اهم ڪارنامو بين الاقوامي ڪانفرنس منعقد ٿيڻ آهي. ڪانفرنس جا سمورا مقالا گڏ ڪري ڪتابي صورت ۾ شايع ڪرايا ويا.28 مقالا سنڌي ٻوليءَ ۾، 6 مقالا اردوءَ ۾ ۽ 20 مقالا انگريزيءَ ۾ مرزا صاحب تي شامل آهن. مرزا صاحب جي علمي ادبي ۽ تاريخي ڪمن جي ڪيترن ئي فڪري پهلوئن تي هندستان، پاڪستان ۽ ايران جي محققن تفصيلي روشني وڌي آهي. قليچ شناسيءَ لاءِ هي مواد نهايت ڪارائتو آهي، جيڪو مرزا صاحب جي ڪم ۽ سنڌ دور جي علمي ۽ فڪري روايتن کي سمجهڻ ۾ مددگار رهندو. سال 2011ع ۾ مرزا صاحب جو ترتيب ڏنل شاهه ڪريم جو رسالو ”رساله ڪريمي“ شايع ڪرايو ويو. جنهن جو پهريون ڇاپو قيصريه پريس حيدرآباد طرفان 1904ع ۾ شايع ٿيو هو. رسالي ۾ سيد عبدالڪريم جو احوال، نڪتا، نصيحتون ۽ ٻيا قول يا ارشاد طالبن لاءِ، سنڌي بيت، پارسي بيت، آيتون حديثون ۽ ٻيا عربي قول شامل آهن. شاهه ڪريم جي شخصيت جي حوالي سان لکي ٿو: ”جيتوڻيڪ شريعت تي قائم هوندو هو، ته به طريقت ۽ حقيقت تي هلڻ وارو هو، رڳو تقليد يا ظاهري شريعت جو پابند نه هو. درحقيقت سنڌ مذهب تصوف هو. جنهن جو هو بخوبي واقف هو ۽ وڏن صوفي بزرگن ۽ مشائخن جي ڪتابن ۽ ڪلامن ۾ ماهر هو ۽ انهن تي عمل ڪندو هو.“[2] شاهه ڪريم جي زندگي ۽ فڪر جو تفصيلي احوال رسالي ۾ موجود آهي.

2012ع کان پروفيسر ڊاڪٽر نور افروز خواجه چيئر جي ڊئريڪٽر مقرر ٿي. هن سال کان شايع ٿيندڙ ڪتابن ۾ مرزا صاحب جي انگريزي شاعريءَ جو اهم ڪتاب “The Leisure Hours” به شامل آهي . هن ڪتاب جي تصحيح ۽ مهاڳ انگريزي ادب جي ماهر محترم گل محمد عمراڻي صاحب لکيو آهي. مرزا صاحب جي شاعراڻي ۽ تاريخي اهميت بيان ڪئي آهي. مرزا صاحب جي ٻولين تي دسترس ۽ ذوق جي خبر پوي ٿي. انگريزي ٻوليءَ تي ايتري دسترس جو ان ۾ پنهنجا خيال جذبا، فطرت جا

حسين منظر  پيش ڪرڻ جي ڀرپور صلاحيت رکي ٿو. چين جي تاريخ ۽ جاگرافيءَ تي مرزا  صاحب جو اهم ڪتاب ”چين ۽ چيني ماڻهو“ سال (2012ع) ۾ شايع ڪرايو ويو. ديباچي ۾ مرزا صاحب ڪتاب جي حوالي سان لکي ٿو: ”مصر ۽ ڪن ٻين ملڪن جو احوال مون هن کان اڳ لکيو آهي،هن ننڍڙي ڪتاب ۾ چين ملڪ ۽ چيني ماڻهن جو احوال ڏجي ٿو.جو انگريزي ڪتابن تان ورتو ويو آهي ۽ جو عجيب ۽ پڙهڻ جوڳو آهي. سنڌ جي گهڻن ماڻهن کي انهيءَ جي خبر نه هوندي. اميد آهي ته اهو انهن کي گهڻو پسند ايندو.[3] چين جي قوم جن تاريخي مرحلن مان گذري آهي ان جي مختصر پر جامع معلومات هن ڪتاب مان ملي ٿي. مرزا صاحب پنهنجي وسيع مطالعي علم حاصل ڪرڻ ۽ ٻين تائين ان پهچائڻ جي جذبي هيٺ ڪيترائي هن قسم جا علمي ڪارناما سرنجام ڏنا. مختلف سائنسي موضوعن تي مرزا صاحب قلم ڪنيو هو ۽ ڪيترائي ڪتاب لکيا هن سال شايع ٿيندڙ ڪتاب  ”علم قحف يا فرينالوجي ۽ منهنجو عجيب قدرتي گهر“ انساني دماغ ۽ پوري انساني وجود جي ڍانچي بناوت بيهڪ ۽ ڪم کي دلچسپ انداز ۾ هن ڪتاب ۾ پيش ڪيو ويو آهي.هاضمي جي سرشتي کي منهنجي گهر جي جانڊاهه عنوان تحت هن طرح بيان ڪري ٿو: ”منهنجي گهر ۾ ان ۽ ٻئي ڪاڌي جي پيهڻ لاءِ هڪڙي جانڊاهه رکيل آهي، پر انهيءَ ۾ پهڻن جي بدران پهڻ جهڙيون ٻيون سخت شيون رکيل آهن، جن کي ڏند ٿا چون.تازي چاول ٻار کي ڏند نٿا ٿين، جو انهن جي تڏهن ضرورت ڪانهي.“[4] هن مضمون ۾ هاضمي جي پوري سرشتي کي تفصيل سان بيان ڪندي هر عضوي جو ڪارج مقصد ۽ بيهڪ کي مثالن سان سمجهائي ٿو. ”فوائدالاخلاق“ ڪتاب ۾ ڏاهپ ۽ حڪمت، نيڪي ۽ ڀلائيءَ جي ڪمن جا نتيجا پيش ڪيا ويا آهن. براين جي نتيجي کان به آگاهه ڪيو ويو آهي. ”عقود اللالي يا موتين جو هار“  ڪتاب منبهات ابن حجر عسقلانيءَ جو ترجمو آهي. ڪتاب ۾ شامل موضوع نهايت اهم ۽ ڪارائتا آهن. پيغمبر صلي الله عليه وسلم، اصحابن ۽ ٻين بزرگن جا قول ڏنل آهن. ڪيترين ئي سماجي حقيقتن کي

پڌرو ڪيو ويو آهي. ڇپائيندڙن پاران پروفن جي غلطين سبب انهن اهم ڪتابن ۾ وڏيون خاميون رهجي ويون آهن. ”ڏاڙهياري جبل جو سير“ مرزا صاحب جو مشهور سفرنامو آهي. پهريون ڇاپو 1900ع ۾ شايع ٿيو هي ٻيو ڇاپو سال 2012ع ۾ چيئر پاران ڇپايو ويو. هن جبل جي رهاڪن، ماڻهن، پکين، وڻن وغيره کان ويندي اتي جي ماڻهن جي ريتن رسمن عادتن جي باري ۾ مرزا صاحب اهم معلومات ڏني آهي. ”يادگيريون “ مرزا صاحب جي زندگيءَ جي حوالي سان نهايت اهم ڪتاب آهي. زندگيءَ جا اهم موضوع، واقعا، نصيحتون ۽ وصيتون ڪتاب ۾ شامل آهن. پروفن جي غلطين ڪتاب جي اهميت کي نقصان پهچايو آهي. ”جارجيا يا گرجستان“ ڪتاب ۾ مرزا صاحب پنهنجي اصل وطن جو تفصيلي احوال لکيو آهي.

سال 2013ع ۾ هي پنج ڪتاب شايع ڪرايا ويا ”پهاڪن جي حڪمت“، ”پکي“، ”عالم آبي“، ”سنڌي ادب ۽ مرزا قليچ بيگ“ انگريزي ڪتاب ”لائيف آف شاهه عبداللطيف ڀٽائي“. هي سمورا ڪتاب ڊاڪٽر نور افروز خواجه ۽ سيڪريٽري ڊاڪٽر آزاد قاضي جي ڪوشش سان شايع ٿيا. هنن اڪثر ڪتابن ۾ پروفن جون غلطيون رهجي ويون آهن. ايندڙ ڇاپن ۾درستگيءَ جي ڪوشش ڪئي ويندي .

ڊائريڪٽر ڊاڪٽر اسحاق سميجي صاحب سال 2015 ”قليچ تحقيقي جرنل“ جو پهريون شمارو آٽي چيئر ۾ تحقيق جي حوالي سان نئين شروعات ڪئي. ان کان علاوه، سال 2016ع ۾ مرزا صاحب جو ڪتاب ”علم عروض“ شايع ڪرايو.

سال 2018ع ۾ راقم جي اچڻ کان پوءِ چار ڪتاب پروفن جي درستگيءَ لاءِ ماهرن ڏانهن موڪليا ويا آهن. مرزا صاحب جا خط ڪمپوز ٿي رهيا آهن، جيڪي جَلدي ڪتابي صورت ۾ شايع ڪيا ويندا، مرزا صاحب جي سمورن ڪتابن جي تاريخ وار ۽ موضوع وار ترتيب مرزا اعجاز بيگ صاحب تيار ڪئي آهن، ان کي پڻ شايع ڪرايو ويندو. ان کان علاوه چيئر ۾ موجود ڪمپوز ٿيل ۽ اسڪين ٿيل ڪتابن کي مالي وسيلن کي نظر ۾ رکندي وقت سان گڏ شايع ڪرايو ويندو.

هن چيئر طرفان سال 2009ع کان هيستائين ڇاٽايل ڪتاب شايع ڪرايا ويا آهن. تحقيقي جرنل ڪانفرنس جا مقالا الڳ آهن. ڪيترائي سئمينار ۽ عالمي ڪانفرنس ٿي چڪي آهي. مستقبل ۾ ان سلسلي ڪي جاري رکڻ لاءِ رٿابندي ڪئي وئي آهي، ته جيئن شمس العلماء مرزا قليچ بيگ جي ٻاريل علم ۽ ڏاهپ جي لاٽ سدا روشن رهي.

حوالا:


1. مرزا قليچ بيگ، 2009، تقريرون ۽ تحريرون، شمس العلماء مرزا قليچ بيگ چيئر، ص12.
2. مرزا قليچ بيگ، رساله ڪريمي، شمس العلماء مرزا قليچ بيگ چيئر، ص31.
3. مرزا قليچ بيگ، چين ۽ چيني ماڻهو، شمس العلماء مرزا قليچ بيگ چيئر، ص05.
4. مرزا قليچ بيگ علم قحف يا فرينالوجي ۽ منهنجو عجيب قدرتي گهر، شمس العلماء مرزا قليچ بيگ چيئر، ص40.